# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1992
# SINDH ACT NO.IV OF 1992
# سنڌ انڪوائريز ۽ اينٽي ڪرپشن ايڪٽ، 1991
# THE SINDH ENQUIRIES AND ANTI-CORRUPTION ACT, 1991
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

2. وصفون
Definitions

3. اسٽيبلشمينٽ جي جوڙجڪ ۽ اختيار
Constitution and powers of Establishment

4. اسٽيبلشمينٽ جي ميمبرن جا اختيار
Powers of members of the Establishment

5. ڊائريڪٽر (انڪوائريز) جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of Director (Enquiries)

6. نظرداري ۽ عام ضابطو
Superintendence and General Control

7. قانوني ڪارروائين تي پابندي
Bar to legal proceedings

8. گنجائشون ٻئي ڪنهن قانون ۾ گهٽتائي نہ آڻينديون

Provisions not in derogation of any other law

9. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

10. منسوخي

Repeal

11. شيڊول

Schedule

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1992

# SINDH ACT NO.IV OF 1992

## سنڌ انڪوائريز ۽ اينٽي ڪرپشن ايڪٽ، 1991

## THE SINDH ENQUIRIES AND ANTI_CORRUPTION ACT, 1991

[22 فيبروري 1992]

ايڪٽ جنهن ذريعي هڪ اسپيشل ايجنسي بڻائي ويندي تہ جيئن ڪرپشن جي ڪن ڏوهن جي جاچ پڙتال ڪري سگهجي، يا سرڪاري ملازمن جي اڻنگي رويي جي انڪوائري ڪري سگهجي ۽ سنڌ ۾ اهڙن سرڪاري ملازمن خلاف ابتدائي انڪوائريون ڪري سگهجن.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هڪ اسپيشل ايجنسي بڻائڻ آهي تہ جيئن ڪرپشن جي ڪن ڏوهن جي جاچ پڙتال ڪري سگهجي، يا سرڪاري ملازمن جي اڻنگي رويي جي انڪوائري ڪري سگهجي ۽ سنڌ ۾ اهڙن سرڪاري ملازمن خلاف ابتدائي انڪوائريون ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ انڪوائريز ۽ اينٽي ڪرپشن ايڪٽ، 1991 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "اسٽيبلشمينٽ" مطلب دفعہ 3 تحت جوڙيل انڪوائريز

۽ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ؛

(ii) "چيئرمين" مطلب دفعہ 3 تحت مقرر ڪيل چيئرمين؛

(iii) "ڊائريڪٽر" مطلب دفعہ 3 تحت مقرر ڪيل ڊائريڪٽر؛

(iv) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(v) "بدعنواني" مطلب ڪرپشن، من پسنديت، بدانتظامي، ڄاڻي واڻي غلط استعمال ڪرڻ يا ڄاڻي واڻي عوامي پئسا غلط هنڌ پهچائڻ، عوامي ملڪيت جو غلط استعمال يا پاور يا پوزيشن جو غلط استعمال؛

(vi) "سرڪاري ملازم" مطلب پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 موجب بيان ڪيل سرڪاري ملازم يا وقتي طور لاڳو اهڙي ڪنهن ٻئي قانون موجب اعلانيل سرڪاري ملازم؛

(vii) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

(viii) "شيڊول" مطلب هن ايڪٽ سان لڳايل شيڊول.

**اسٽيبلشمينٽ جي جوڙجڪ ۽ اختيار**
**Constitution and powers of Establishment**

3.(1) جيستائين ڪجهہ ڪنهن وقتي طور لاڳو قانون جي متضاد نہ هجي، حڪومت هڪ اسٽيبلشمينٽ جوڙي سگهي ٿي، جنهن کي انڪوائريز ۽ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ سڏيو ويندو، جيڪا شيڊول ۾ ڄاڻايل ۽ سرڪاري ملازم جي بدعنواني سا لاڳاپيل ڏوهن جي جاچ پڙتال يا انڪائري ڪندي ۽ سرڪاري ملازمن خلاف انتظامي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ انڪوائريون ڪندي تہ جيئن اهو طئي ٿي سگهي تہ اهڙن ڏوهن يا ڪيسن جي جاچ پڙتال ڪجي يا انهن ڏوهن يا ڪيسن خلاف ڪاتي طرفان انڪوائري ٿيڻ گهرجي.

(2) استيبلشمينٽ چيئرمين ۽ ڊائريڪٽرس، عملدارن يا ميمبرن جي اهڙي انگ تي مشتمل هوندي، جيئن حڪومت طئي ڪري.
(3) چيئرمين ۽ ڊائريڪٽرس حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا ۽ ڊائريڪٽرن منجهان هڪ کي اينٽي ڪرپشن جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويندو.
(4) استيبلشمينٽ جي چيئرمين، ڊائريڪٽرس، عملدارن ۽ ميمبرز جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا حڪومت طرفان طئي ڪيا ويندا.

**استيبلشمينٽ جي ميمبرن جا اختيار**
**Powers of members of the Establishment**

4.(1) ڪن حڪمن يا قاعدن موجب جيڪي حڪومت ان سلسلي ۾ جوڙي، اينٽي ڪرپشن جو ڊائريڪٽر ۽ سندس ماتحت ڪم ڪندڙ استيبلشمينٽ جا عملدار ۽ ميمبر، شيڊول ۾ ڄاڻايل ڏوهن جي سلسلي ۾ کاتيوار انڪوائري يا جاچ پڙتال جي مقصد لاءِ انهن کي سڄي صوبي ۾ تلاشي، ماڻهن جي گرفتاري ۽ ملڪيت ضابط ڪرڻ جا ۽ ٻيا سمورا اختيار، ذميواريون، مراعتون ۽ وسيلا حاصل هوندا، جيڪي هڪ پوليس عملدار کي هوندا آهن يا ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 تحت ڏوهن جي جاچ پڙتال جي سلسلي ۾ اختيار حاصل هوندا.
(2) ان سلسلي ۾ حڪومت جي حڪمن موجب، اهڙو عملدار يا ميمبر يا سب انسپيڪٽر کان مٿي رينڪ وارو، شيڊول ۾ ڄاڻايل ڏوهن جي سلسلي ۾ پوليس اسٽيشن جي آفيسر انچارج جا ڪي به اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو جنهن علائقي ۾ سندس مقرري هجي، ۽ جڏهن هو اهڙا اختيار استعمال ڪري رهيو هجي، ان کي پوليس اسٽيشن

جو آفيسر انچارج سمجهيو ويندو، جيڪو پنهنجي اسٽيشن جي حدن اندر اهڙي عملدار جا ڪم سرانجام ڏئي رهيو هجي.

| | |
|---|---|
| ڊائريڪٽرس (انڪوائريز) ۽ اسٽيبلشمينٽ جا ٻيا ميمبر اهڙا ڪم سراجام ڏيندا يا اهڙن ڪيسن جي انڪوائري ڪندا جيئن چيئرمين انهن کي سونپي. (2) اهڙن ڪيسن جي انڪوائري قاعدن موجب ڏنل اختيارن جي سلسلي ۾ ڪئي ويندي. | 5.(1) ڊائريڪٽر (انڪوائريز) جا اختيار ۽ ڪم Powers and functions of Director (Enquiries) |
| 6.(1) اهڙن حڪمن جي سلسلي ۾ جيڪي حڪومت جاري ڪري، اسٽيبلشمينٽ جي نظرداري ۽ عام ضابطو چيئرمين وٽ هوندو. (2) چيئرمين جي عام ضابطي ۽ هدايتن موجب، وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون سان ٽڪراءَ ۾ نه هجي، اينٽي ڪرپشن جو ڊائريڪٽر، عملدارن ۽ پوليس فورس سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ اسٽيبلشمينٽ ۾ ملازمت ڪندڙن جي سلسلي ۾، اهڙا سمورا اختيار استعمال ڪندو جيڪي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس صوبي ۾ پوليس فورس جي سلسلي ۾ استعمال ڪندو هوندو. | نظرداري ۽ عام ضابطو Superintendence and General Control |
| 7.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو مقدمو يا ڪا قانوني ڪارروائي حڪومت يا چيئرمين يا ڊائريڪٽر يا ڪنهن ٻئي عملدار يا ميمبر خلاف نه ٿيندي. | قانوني ڪارروائين تي پابندي Bar to legal proceedings |
| 8. هن ايڪٽ جون گنجائشون اضافي آهن ۽ وقتي طور لاڳو | گنجائشون ٻئي ڪنهن |

| | |
|---|---|
| ڪنهن ٻئي قانون سان ٽڪراءَ ۾ نہ آهن. | قانون ۾ گهٽتائي نہ آڻيندڙ Provisions not in derogation of any other law |
| 9. (1) حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.<br>(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ اهڙا قاعدا فراهم ڪن ٿا:<br>(i) انڪوائري جي مقصد لاءِ ڪنهن ماڻهو کي سمن جاري ڪرڻ جا اختيار ۽ حاضري لاءِ زور وجهڻ جا اختيار، دستاويزن جي طلبي ۽ قسم نامن تي شاهدي حاصل ڪرڻ؛<br>(ii) اسٽيبلشمينٽ جي آرگنائيزيشن لاءِ<br>(iii) اٿارٽيز بيان ڪرڻ جن جي اجازت سان ڪنهن ڪيس يا ڪيسن جي ڪلاس جي انڪوائري يا جاچ پڙتال ڪرائي سگهبي يا ڪنهن ماڻهو کي گرفتار ڪري سگهبو. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |
| 10. سنڌ اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ آرڊيننس، 1961 ۽ سنڌ انڪوائريز ۽ اينٽي ڪرپشن آرڊيننس، 1961 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |
| **شيڊول**<br>**(ڏسو دفعہ 3)**<br>(a) پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعات 161 کان 169، 217 ۽ 218 تحت سزا لائق ڏوهہ ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ جڙيل ڪوشش، اڪسائڻ يا سازش ڪرڻ. | شيڊول Schedule |

(b) پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعات 182، 186، 188، 189، 201، 211، 332، 353، 379 کان 382، 403 کان 409، 411، 417 کان 420، 465 کان 468، 471 ۽ A_477 تحت سزا لائق ڏوهہ ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ جڙيل ڪوشش، اڪسائڻ يا سازش ڪرڻ، جيڪي ڪنهن سرڪاري ملازم طرفان اهڙيءَ ريت ڪيا وڃن، يا ڪنهن سان گڏجي ڪيا وڃن يا ڪنهن کي اڪسايو وڃي يا اڪسائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي يا ڪنهن سرڪاري ملازم سان گڏجي اهڙيءَ ريت سازش ڪئي وڃي؛ ۽

(c) ڪرپشن کان روڪ ٿام واري ايڪٽ، 1947 تحت سزا لائق ڏوهہ ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ جڙيل ڪوشش، اڪسائڻ يا سازش ڪرڻ.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**